# سندھی (لازمی) ایچ ایس سی -II

کل نمبر: 100 | وقت: 3 گھنٹے

سوال نمبر 1: هيٺين مان ڪنهن به هڪ تي مضمون لکو:- (20)

i راندين جي اهميت ii مخلوط تعليم.
iii هنر جي اهميت.

سوال نمبر 2: هيٺين مان ڪن به ڇهن بيتن جي تشريح ڪريو: (20)

I منهنجو پيچ پنهون سان ازل لاڪون آهه
هاڻي ويهڻ ڇاهه، پيڙهن پنهور ۾.

II سڄڻ ساعت هڪڙي، جي تني اکيون ڏار.
نه ڪر سڀ جمار ڏٺوسين نه ڪڏهن

III مشڪل ۾ پئو نه آسان مشڪل به تني پوي لوڏ.
پاڻي اندر ريپڻ سان درياءَ جو ڏپ لهي لوڏ.

IV والي وسائيج، درد منديءَ جو ديس،
پرين مون پرديس اڃي ايندم او ڏڙا

V چنڊ! چئين سچ، جي مٺي مور نه پائين
ڪڏهن اڀرين سنهڙو، ڪڏهن اڀرين ڀيج،
منهن ۾ بڙئي ميڄ، لڳم ناهه پيشاني پرين جي.

VI بهار تنهن آيو صبر ۾ لونڊن ڪئي سڀ.
رڱما رنگلي رس، فرح ڪيڏي نيل ٿي.

VII مجازي موهي، ڪڏهن ويندءِ نڪري،
اڪثر ليون لڳ هي، ڪيڻ وهين وسهي.

سوال نمبر 3: هيٺين مان ڪن به ٻن سوالن جي سمجهاڻي ڏيو:- (15)

I « شڪرانئي اي منهنجا مولا! جيڪڏهن آءٌ انهيءَ رويي مان جند نه ڇڏايان ها ته مون سان به ساڳي انهيءَ اک واري ڪار ٿئي ها.

II « ٻولي ڇئو آهي اهڙي ڳالهائڻ لاءِ، جو ڳالهائيندڙ ڳالهائي ته سندس هم زبان ٻڌندڙ ان جو پورو مطلب پوريءَ طرح سمجهي سگهي.»

III « دوستي فقط دوستي خاطر ڪبي، ڇو ته جا دوستي ڪنهن مطلب لاءِ ڪئي ٿئي، وڃي سا دوستي نه آهي، پر هڪ ڄار آهي، جنهن ۾ صيد ۽ صياد ٻئي ڦاسن.»

IV « هاءِ! جو هيءُ منهنجو عزيز هن مصيبت ۾ مبتلا آهي؟ هاءِ! ڪنهن به طرح شل قادر ڪريم هن مصيبت مان هن کي ڇڏائي!»

V اهو ڪو تاريخي وڏو مسئلو نه آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي، اهي عام مقبول لفظ ۽ نظير آهن. جا، اڪثر ڳڙ ڪرڻ ۽ ٻڌڻ به ڪو مشڪل ڪم آهي.

vi) قوميت ۽ قومي جوش انسان لاءِ قدرتي ۽ بيحد ضروري آهي، جو يا ته مٽي مائٽيءَ مان پيدا ٿيندو آهي يا گهڻين قومن جي بنديءَ ۽ محبت مان.

سوال نمبر 4: هيٺين مان ڪي به ٻه مثالن سان سمجهايو:- (10)

i) مجاز مرسل ii) استعارو iii) علم معاني.

iv) رديف

سوال نمبر 5: هيٺين مان ڪن به ٻن جي ادبي خدمتن تي نوٽ لکو:- (10)

i) حمل فقير ii) محمد هاشم مخلص.

iii) شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سوال نمبر 6: هيٺين اصطلاحن مان ڪن به پنجن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:- (10)

i) رت ٿهڪڻ ii) ڏاڙهي ڏيڻ iii) لير ڪڍي ڏيڻ.

iv) ڳڙيو ڳساڻڻ v) چپ چورڻ vi) اکيون ڏاڙهيءَ وجهڻ

vii) روح ڦوڪڻ.

سوال نمبر 7: پاڪستاني قوميت جو مقصد ڇا آهي؟ کولي سمجهايو. (10)

سوال نمبر 8: هيٺين مان ڪن به ٻن جي وصف مثالن سان لکو:- (10)

i) ضمير مبهم ii) ظرف زمان iii) فعل لازمي-

iv) حرف ندا.